چڙيا اور اندھا سانپ (سندھی)

# جهرڪي ۽ انڌو نانگ




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العاليه


مكتبة المدينة

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

| | |
|---|---|
| رسالي جو نالو: | جهرڪي ۽ انڊو نانگ |
| ڇاپو پهريون: | رَجبُ المُرَجَّب 1436هـ، اپريل 2015ع |
| تعداد: | |
| ڇاپيندڙ: | مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي |

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي.**

### ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# جهرڪيءَ اَنڊو نانگ

## ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# جهرڪي ۽ انڊو نانگ

شيطان ڪيترِي بہ سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهي وٺو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر حال ۾ ”راضي برضا“ رهڻ جو جذبو ملندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

**مديني جي سلطان**، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي: جنهن کي ڪا مشڪل پيش اچي ان کي مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ گهرجي ڇو تہ مون تي درود شريف پڙهڻ مصيبتن ۽ بلائن کي ٽارڻ وارو آهي. (القول البديع، ص 414، بستان الواعظين للجوزي، ص 274)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جهرڪي ۽ انڊو نانگ

**ڏاڙيلن** جو هڪ ٽولو ڦر جي لاءِ اهڙي جڳهہ تي پهتو جتي ڪجور جا ٽي وڻ هئا. هڪ وڻ ان ۾ خشڪ (يعني بغير ڪجور جي) هو. ڏاڙيلن جي سردار جو بيان آهي: مون ڏٺو تہ هڪ جهرڪي ميوي واري وڻ تان اڏري خشڪ وڻ تي وڃي ٿي آهي ۽ ٿوري دير کان پوءِ اڏي ميون واري وڻ تي آئي آهي پوءِ اتان اڏي ٻيهر انهي خشڪ وڻ تي وئي آهي. اهڙي طرح ان جهرڪي تمام گهڻا چڪر لڳايا. مان تعجب وچان خشڪ وڻ تي چڙهيس تہ ڇا ڏسان ٿو تہ اتي هڪ انڌو نانگ منهن کولي وينو آهي ۽ جهرڪي ان جي منهن ۾ ڪجور رکي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

وڃي ٿي. اهو ڏسي مان روئي پيس ۽ الله تعالي جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: **اي منهنجا رَبّ** عَزَّوَجَلَّ! هڪ طرف هي نانگ آهي جنهن کي مارڻ جو حڪم تنهنجي نبي مُحترم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏنو آهي، پر جڏهن تو ان جون اکيون ونئي ڇڏيون ته ان جي گذاري جي لاءِ هڪ جهرڪي مقرر فرمائي ڇڏي، ٻئي طرف مان تنهنجو مسلمان ٻانهو هجڻ جي باوجود مسافرن کي ديبجاري ۾ ڌمڪائي ڪري ڦر ڪريان ٿو. انهيءَ وقت **غيب مان هڪ آواز** ٻڌڻ ۾ آيو: اي فلان! توبهه جي لاءِ منهنجو دروازو کليل آهي. اهو ٻُڌي مان پنهنجي تلوار ٽوڙي ڇڏي ۽ چوڻ لڳس: ”مان پنهنجي گناهن کان توبهه ڪئي، مان پنهنجي گناهن کان توبهه ڪئي“. پوءِ اُهو ئي **غيبي آواز** ٻُڌڻ ۾ آيو: ”اسان تنهنجي توبهه قبول ڪري ڇڏي آهي“. جڏهن پنهنجي ساٿين وٽ اچي مان واقعو ٻڌايو ته چوڻ لڳا: اسان ٻه پنهنجي پياري پياري الله عَزَّوَجَلَّ سان صلح ڪريون ٿا. ۽ پوءِ ته انهن ٻه سچي دل سان توبهه ڪئي ۽ سڀ حج جي ارادي سان مڪه مڪرمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي طرف هليا. ٽي ڏينهن سفر ڪندي هڪ ڳوٺ ۾پهتاسين، ته اتي هڪ نابينا پوڙهي عورت ڏٺي جيڪا اسان جي **”سردار“** جو نالو وٺي پڇڻ لڳي ته ڇا هن قافلي ۾ اهو به آهي؟ **مون اڳتي** وڌي ڪري چيو: جي ها! اهو مان ئي آهيان چئو ڇا ڳالهه آهي؟ پوڙهي اتي ۽ گهر جي اندران ڪپڙا ڪڍي آئي ۽ چوڻ لڳي: ڪجهه ڏينهن ٿيا ته منهنجو نيڪ پٽُ انتقال ڪري ويو آهي، هي انهيءَ جا ڪپڙا آهن. مون کي ٽي راتيون لڳاتار سرور **ڪائنات** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا تنهنجو نالو وٺي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (ترمذي)

ارشاد فرمايائون تہ ”هو اچي رهيو آهي، هي ڪپڙا ان کي ڏئي ڇڏجو“. مان ان کان مبارڪ ڪپڙا ورتا ۽ پائي ڪري پنهنجي ساٿين سان گڏ مڪ مڪرمہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي طرف روانو ٿي ويس. (روض الرياحين، ص 232)

**اللّٰه ربّ العزت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

واھ منهنجا مولا تنهنجو بہ ڇا شان آهي! تو جهرڪي کي انڊي نانگ جي خادم بڻائي ڇڏيو! تنهنجي رزق عطا ڪرڻ جا انداز بہ ڇا خوب آهن!

## اللّٰه تعاليٰ روزيءَ جو ذمو کنيو آهي

بي روزگاري ۽ روزي جي تنگي تي گهبرائڻ وارو! شيطان جي وسوسن ۾ نہ اچو! ٻارهين سيپاري جي پهرين آيت ۾ ارشادِ خدا وندي آهي:

| | |
|---|---|
| وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا | **ترجموڪنزالايمان:** ۽ زمين تي چرندڙ ڪا بہ شيء اهڙي نہ آهي جنهن جو رزق اللّٰه جي ڪرم جي ذمي نہ هجي. |

هن آيت ڪريمہ جي تحت مُفسّر شهير حَڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان ”**نور العرفان**“ ۾ فرمائن ٿا: زمين تي هلڻ وارن جو ان ڪري ذڪر فرمايو ڇو تہ اسان کي انهي جو مشاهدو ٿيندو (يعني ڏسندا آهيون)، نہ تہ جنّ، ملائڪن وغيره سڀني کي اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) روزي ڏيندو آهي. ان جي رزّاقِيّت (يعني رزق ڏيڻ جي صفت) صرف حيوانن ۾ منحصر يعني موقوف؟ ناهي، جيڪو جنهن روزي جي لائق آهي ان کي اتي ئي ملندي آهي. ٻار کي ماءُ جي پيٽ ۾ ٻئي قسم جي روزي ملندي آهي ۽ پيدائش کان پوءِ ڏند نڪرڻ کان پهريان ٻئي طرح سان، وڏو ٿيندو تہ ٻئي طرح سان، مطلب تہ دَآبَّةٍ

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

(يعني زمين تي هلڻ وارو) ۾ به عموم (يعني هر ڪوئي شامل) آهي ۽ رزق ۾ به. (نور العرفان، ص 353 بتغير قليل)

## غريبن جا مزا ٿي ويا (حڪايت)

بارگاهه رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ هڪ دفعو فقراء صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پنهنجو قاصد (نمائندو) موڪليو. جنهن حاضرِ خدمت ٿي ڪري عرض ڪيو: مان فقراء (يعني غريبن) جو نمائندو بڻجي ڪري حاضر ٿيو آهيان. مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”توهان کي به مرحبا ۽ انهن کي به جتان توهان آيا آهيو! توهان اهڙن ماڻهن کان آيا آيو جن سان مان محبت ڪريان ٿو.“ قاصد عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فقراء (يعني غريبن) هي گذارش ڪئي آهي ته مالدار حضرات جنّت جا درجا ڪٽي ويا! اهي حج ڪن ٿا ۽ اسان کي ان جي استطاعت (يعني طاقت ۽ قدرت) ناهي، اهي عمره ڪن ٿا ۽ اسان ان تي قادر ناهيون، اهي بيمار ٿيندا آهن ته پنهنجو زائد مال صدقو ڪري آخرت جي لاءِ جمع ڪري ڇڏيندا آهن“.

پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”منهنجي طرف کان فقراء غريبن کي پيغام ڏيو ته انهن مان جيڪو (پنهنجي غربت تي صبر ڪري ۽ ثواب جي اميد رکي ان کي ٽي ڳالهيون ملنديون جيڪي مالدارن کي حاصل ناهن: (1) جنّت ۾ اهڙا بالاخانه (يعني بلند محلات) آهن جنهن جي طرف اهل جنّت ائين ڏسندا جئين دنيا وارا آسمان جي تارن کي ڏسندا آهن، ان ۾ صرف فقراء (يعني غربت اختيار ڪرڻ وارا نبي، شهيد فقير ۽ فقير مؤمن داخل ٿيندا.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نه پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو۔** (ابن سني)

(2) فقراء مال دارن کان قيامت جي اڌ ڏينهن جي مقدار يعني 500 سال پهريان جنت ۾ داخل ٿيندا. (3) مالدار شخص سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكْبَرُ چوي ۽ اهي ئي ڪلمات فقير به ادا ڪري ته فقير جي برابر ثواب مالدار حاصل نه ڪري سگهندو، پلي اهو 10 هزار درهم به صدقو ڪري. ٻين تمام نيڪ اعمالن ۾ به اهو ئي معاملو آهي. قاصد واپس وڃي فقراء (يعني غريبن) کي هي فرمان مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌايو ته انهن چيو: اسان راضي آهيون، اسان راضي آهيون.

(احياءُ العلوم، ج 4، ص 596، بحوالہ قوت القلوب، ج 1، ص 436)

ميں بڑا امير وکبير ہوں، شہِ دوسرا کا اسير ہوں

درِ مصطفٰے کا فقير ہوں، مرا رِفعتوں پہ نصيب ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فقر جي تعريف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** فقيرن جا ته دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلا ڀاڳ آهن! ياد رکو! فقير اهوئي سٺو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهندي صبر ۽ قناعت اختيار ڪري ۽ گلا شڪايت کان بچندو رهي. ياد رکو! هتي فقير مان مراد پنڻ وارو نه آهي **فَقْر** جي تعريف هي آهي ته ”جنهن شيء جي ضرورت هجي اها موجود نه هجي“ جنهن شيء جي ضرورت ئي ناهي جيڪڏهن اها نه هجي ته ان کي **”فَقر“** ناهي چيو ويندو ۽ پڻ جنهن شخص وٽ مطلوبه شيء موجود هجي ۽ ان جي قبضي ۾ به هجي ته اهڙي شخص کي فقير ناهي چئبو.

(احياءُ العلوم، ج 4، ص 562)

فرمانِ مُصطَفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

## ”فَقيرِ مدينه“ جي نوَن اَکرن جي نسبت سان فَقر جي فضيلت تي 9 فرامين مصطفٰي ﷺ

(1) ”ان شخص جي لاءِ خوشخبري آهي جنهن کي اسلام جي طرف هدايت حاصل آهي، ان جي روزي بقدر ڪفايت آهي ۽ اهو ان تي قناعت ڪري ٿو“. (ترمذي، ج 4، ص 156، حديث 2356) قناعت جي تعريف اڳتي اچي رهي آهي. (2) اي فقيرن جا گروهه! دل سان الله عَزَّوَجَلَّ جي تقسيم تي راضي رهندو ته پنهنجي فقر (يعني غربت) جو ثواب ماڻيندو نه ته نه. (ملندو) (الفردوس بما ثور الخطاب، ج 5، ص 291، حديث 8216) (3) هر شيء جي هڪ چاٻي هوندي آهي ۽ جنّت جي چاٻي مسڪينن ۽ فقيرن سان ان جي صبر جي سبب انهن سان محبت ڪرڻ آهي، هي ماڻهون قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي قرب ۾ هوندا. (ايضًا، ج 3، ص 330، حديث 4993) (4) الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ پسنديده ٻانهو اهو فقير آهي جيڪو پنهنجي روزي تي قناعت اختيار ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ کان راضي رهي. (قوت القلوب، ج 2، ص 326) (5) اي الله عَزَّوَجَلَّ! آلِ محمد کي بقدرِ ڪِفايت رزق عطا فرماءِ. (مسلم، ص 1588، حديث 1055) (6) فَقير جيڪڏهن راضي (الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي) هجي ته ان کان افضل ڪير ناهي. (قوت القلوب، ج 2، ص 323) (7) فقر دنيا ۾ مومن جو تحفو آهي. (الفردوس بما ثور الخطاب، ج 2 ص 70، حديث 2399) (8) قِيامت جي ڏينهن هر شخص چاهي امير هجي يا غريب، ان ڳالهه جي تمنا ڪندو ته ڪاش! ان کي دنيا ۾ صرف بقدر ڪفايت (يعني ضرورت جي مطابق) روزي ڏني وڃي. (ابن ماجه، ج 4، ص 442، حديث 4140) (9) منهنجي اُمّت جا فُقراء اميرن کان 500 سال پهريان جنّت ۾ داخل ٿيندا. (ترمذي، ج 4، ص 158، حديث 2360) (احياءُ العلوم، ج 4،ص 588 کان 590)

دولتِ دنیا سے بے رغبت مجھے کر دیجئے     میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مال دار

(وسائلِ بخشش (مرمَّم) ص ۲۱۸)

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي-** (عبدالرزاق)

## ”راضي“ جي تعريف

نه مال ۾ اهڙي رغبت هجي جو مال ملڻ تي خوشي محسوس ٿئي ۽ نه ئي اهڙي نفرت هجي جو مال جي ملڻ تي تڪليف ٿئي ۽ ان کي ونڻ کا انڪار ڪري ڇڏي. اهڙي حالت واري شخص کي راضي چيو ويندو آهي. (احياءُ العلوم، ج 4، ص 563)

**قناعت جي لغوي معنيٰ:** اِڪتِفا ڪرڻ (يعني ڪافي سمجهڻ)، صبر ڪرڻ، ٿوري شيء تي راضي ۽ خوش رهڻ، جيڪو ملي ان تي گذارو ڪرڻ، گهڻي جي طلب ۽ حرص کان بچڻ کي قناعت چيو ويندو آهي.

(فرهنگ آصفيه، ج 3، ص 400)

**قناعت جون ٻه تعريفون:** (1) خدا جي تقسيم تي راضي رهڻ کي قناعت چئبو آهي. (التعريفات للجرجاني، ص 126) (2) جيڪو ڪجهه هجي ان کي اِڪتِفا ڪرڻ قناعت آهي.

### اللّٰه رَبُّ العِزت جڏهن ڪنهن سان محبت فرمائيندو آهي ته.....

جنهن جا گهر وارا وڇڙي وڃن، اڪيلو رهجي وڃي، ڪنگال ۽ بي حال ٿي وڃي ان کي به ربّ ذُوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهندي صبر، صبر ۽ صرف صبر ڪرڻ گهرجي، ۽ خدائي مجيد عَزَّوَجَلَّ مان اميد رکڻ گهرجي ته اهو ان کي پنهنجي پيارن ٻانهن ۾ شامل فرمائي ڇڏي. جيئن ته نبي اڪرم نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مُعَظّم آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان محبت فرمائيندو آهي ته ان کي آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن ان سان وڌيڪ محبت فرمائيندو آهي ته ان کي ”چوندي“ ڇڏيندو آهي. عرض

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس.** (جمع الجوامع)

ڪئي وئي: ”چونڊڻ“ مان ڇا مراد آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”ان جي لاءِ نه اهل و عيال (يعني ٻار ٻچا، گهر جا ڀاتي) ڇڏيندو آهي نه ئي مال.“

(احياءُ العلوم، ج 4، ص 578)

وه عشقِ حقيقي کي لذّت نهيں پا سکتا
جو رنج و مُصيبت سے دوچار نهيں هوتا

## ان جي مٿي جي هيٺان پٿر جو وهاڻو هو (حڪايت)

پيارا پيارا غريبو! سچ پڇو ته غربت به تمام وڏي نعمت آهي جڏهن ته صبر ۽ رضا جي سعادت به گڏ ملي. جو ته غريب ۽ مسڪين پر صبر ڪرڻ واري ۽ شڪر ادا ڪرڻ واري ٻانهي تي الله رَبُّ العزت جي ڪامل (يعني پوري) رحمت جي نظر هوندي آهي. جيئن ته حضرت سيّدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جو گذر هڪ اهڙي شخص وٽان ٿيو جيڪو پٿر کي وهاڻو بڻائي، چادر ويڙهي زمين تي سمهي رهيو هو. ان جي چهري ۽ ڏاڙهي تي مٽي لڳل هئي. پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام رب تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو هي ٻانهو دنيا ۾ ضايع ٿي ويو آهي.“ الله عَزَّوَجَلَّ سندن ڏانهن وحي فرمائي: ”اي موسيٰ! ڇا توهان نه ٿا ڄاڻو ته جڏهن مان پنهنجي ٻانهي ڏانهن ڪامل (يعني پوري) طور تي رحمت جي نظر فرمائيندو آهيان ته دنيا کي ان کان مڪمل طور تي پري ڪري ڇڏيندو آهيان“ (احياءُ العلوم، ج 4، ص 575)

## فقر آقا جي مَحبّت جي سوغات آهي (حڪايت)

حضرت سيّدنا عَبدُالله بن مُغَفل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته هڪ شخص تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ سراپا رحمت ۾ عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! خدا جو قسم! مان

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن وٽ منھنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود پاڪ نہ پڙھيو، ان جنت جو رستو ڇڏي ڏنو. (طبراني)**

توھان سان محبت ڪريان ٿو.“ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڏسي ونو ڇا چئي رھيا آھيو! عرض ڪيائون: خدا جو قسم! مان توھان سان محبت ڪريان ٿو. ان تي دفعا اھڙي طرح چيو. ان تي مصطفٰي جان رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪڏھن تون مون سان محبت ڪرين ٿو تہ فقر جي لاءِ لباس تيار ڪري ڇڏ، ڇو تہ جيڪو مون سان محبت ڪري ٿو، ان جي طرف فقر ان کان بہ وڌيڪ تيزي سان ايندو آھي. جھڙي طرح سيلاب (ٻوڏ) ان جاءِ ڏانھن ويندي آھي جتي ان کي ختم ٿيڻو ھوندو آھي.“ (ترمذي ج 4، ص 156، حديث 2357)

دولتِ عشق سے دل غنی ہے، میری قسمت ہے رشکِ سکندر   مِدحتِ مصطفٰے کی بدولت، مل گیا ہے مجھے یہ خزینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!   صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هزار سال جي عبادت کان افضل عمل

حضرت سيّدنا اَبُو سُلَيمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا: جنھن (جائز) خواھشن کي پوري ڪرڻ تي قدرت حاصل نہ ھجي ان کان محرومي تي حسرت سان فقير جي نڪرڻ واري آھ مالدار جي هزار سال جي عبادت کان افضل آھي. (احياءُ العلوم، ج 4، ص 602)

## ھڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ کان افضل عمل

حضرت سيّدنا ضحّاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص بازار وڃي ۽ ڪنھن شيءِ کي ڏسي ان کي خريد ڪرڻ جي دل ۾ خواھش پيدا ٿئي پر ثواب جي اميد تي اھو صبر ڪري تہ ان جي لاءِ ھي عمل راھ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ھڪ هزار دينار صدقي ڪرڻ کان افضل آھي.

(احياءُ العلوم، ج 4، ص 602)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي لاءِ پاڪيزگي جو باعث آهي. (ابو يعلٰي)

## تنهنجي دعا منهنجي دعا کان افضل آهي (حڪايت)

حضرت سيدنا بشر بن حارث حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي جي خدمت ۾ ڪنهن عرض ڪيو ته منهنجي لاءِ دعا فرمايو ڇو ته مان گهر وارن جي خرچي جي ڪري پريشان آهيان. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: "جڏهن گهر وارا تو کي چون ته اسان وٽ نه ڪو اٽو آهي ۽ نه ئي ماني ته ان وقت تون منهنجي لاءِ دعا ڪجان ڇو ته تنهنجي ان وقت جي دعا منهنجي دعا کان افضل آهي". (ايضًا)

## ڏکايلن جي دعا قبول ٿيندي آهي

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! ظاهر آهي ته جيڪو سخت تنگدستي جو شڪار هوندو اهو ڏکايل ۽ غمگين به هوندو ۽ ڏکايلن جي دعا قبول ٿيندي آهي جئين ته دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي مطبوعه 318 صفحن تي مشتمل ڪتاب، "فضائل دعا" صفحي 218 تي جن ماڻهن جون دعائون قبول ٿينديون آهن ان ۾ سڀ کان پهرين نمبر تي لکيل آهي، اوّل: مضطَر (يعني ڏکايل). ان جي حاشيي ۾ سرڪار اعلٰي حضرت، امام اهل سنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ان (يعني ڏکايل ۽ مفلس ۽ مايوس جي دعا جي قبوليت) جي طرف ته خود قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد موجود آهي:

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ

ترجموڪنزالايمان: يا اهو جيڪو پريشان دل جي ٻڌي ٿو جڏهن اهو کيس پڪاري ۽ تڪليف ٽاري ٿو.

## غريب شهزادي تي اعلٰي حضرت جي انفرادي ڪوشش

اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ سيد سڳورو اڪثر مون وٽ تشريف ڪٽي ايندا هئا ۽ غربت ۽ تنگدستي جي شڪايت ڪندا

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي. (مسند احمد)**

هئا. هڪ دفعي تمام گهڻو پريشان آيا، مون انهن کان پڇيو ته جنهن عورت کي پيءُ طلاق ڏئي ڇڏي هجي ته ڇا اها پٽ تي حلال ٿي سگهي ٿي؟ فرمايائون: ”نه“. مون چيو: توهان حضرت امير المؤمنين مولا علي (كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم) جن جي اولاد مان آهيو، اڪيلائپ ۾ پنهنجي چهري مبارڪ تي هٿ ڦيري ارشاد فرمايائون: ”اي دنيا! ڪنهن ٻئي کي دوکو ڏئي مان تو کي اها طلاق ڏني جنهن ۾ ڪڏهن رَجۡعَت (يعني واپسي) ناهي“. پوءِ سَيِّد زادن جو افلاس (يعني تنگدستي ۾ مبتلا ٿيڻ) ڇا تعجب جي ڳالهه آهي! سيد صاحب جن فرمايو: ”والله! مون کي اطمينان ٿي ويو.“ اهو هاڻي زنده موجود آهي ان ڏينهن کان وٺي ڪڏهن شاڪي نه ٿيو. (يعني تنگدستي جي شڪايت نه ڪئي). (ملفوظات اعلي حضرت، ص 127 کان 128)

## حاجت لڪائڻ جي فضيلت

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! ٻين کي خواه مخواه پنهنجا ڏکڙا ٻڌائڻ سان پريشاني ختم ٿيڻ ته پري رهيو. الٽو مصيبت لڪائڻ ۽ صبر ڪرڻ جي ذريعي ثواب ڪمائڻ جو موقعو ضايع ٿي ويندو آهي، ڇو ته ڪنهن هڪ شخص کي به بلا وجه پنهنجو مرض يا ڏک بيان ڪري ڇڏيو يا بي سبب پنهنجي زبان، چهري يا ٻين عضون سان ان جي اڳيان بي چيني ۽ بي قراري ظاهر ڪئي ته صبر جو ثواب ويندو رهيو. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه 318 صفحات تي مشتمل ڪتاب، ”فضائل دعا“ صفحه 263 تي آهي: فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”بکيو ۽ حاجتمند جيڪڏهن

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

پنهنجي حاجت ماڻهن کان لڪائي، الله تعاليٰ حلال رزق سڄي سال تائين ان کي عنايت فرمائيندو.“ (شعب الايمان، ج 7، ص 215، حديث 10054)

## ٻه مڇي جا شڪاري (حڪايت)

بي روزگاري کان تنگ اچڻ، تنگدستي کان گهبرائڻ، ڪاروبار جي ڪمي جي سبب غمگين ٿيڻ، مالدارن کي ڏسي پنهنجي غربت تي دل جلائڻ پنهنجي غمگين دل کي تسلي ڏيارڻ جي لاءِ هڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظه فرمائن، حضرت سيدنا عطا خراساني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا. هڪ نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام دريا جي ڪناري کان گذريا ته ڏٺائين ته هڪ شخص مڇي جو شڪار ڪري رهيو آهي، ان بِسْمِ الله (يعني الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو) چئي ڪري دريا ۾ جار اڇلايو پر ڪا مڇي نه آئي. پوءِ هڪ ٻئي شڪاري وٽان گذريا، ان شيطان جو نالو وٺي جار اڇلايو ته ايتريون وڏيڪ مڇيون نڪتيون جن جو وزن ڪرڻ مشڪل ٿي ويو. ان نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن بارگاهه خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! اهو ته معلوم آهي ته هي سڀ تنهنجي طرفان آهي، پر ان جي حڪمت معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو“. الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي ارشاد فرمايو: ”منهنجي ٻانهي کي انهن ٻنهي (مڇي جهلڻ وارن) جو آخرت جو مقام ڏيکاريو!“ جڏهن انهن بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري جار اڇلائڻ واري کي ملڻ واري آخرت جي عزت ۽ عظمت ۽ شيطان جو نالو وٺي ڪري جار اڇلائڻ واري کي ملڻ واري آخرت جي رسوائي ۽ ذلت ملاحظه فرمائي ته عرض گذار ٿيا:” اي رب ڪريم عَزَّوَجَلَّ! مان راضي آهيان“. (احياءُ العلوم، ج 4، ص 577)

فرمانِ مُصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪي ماڻهو پنهنجي مجلس مان الله جو ذڪر ۽ نبي تي درود شريف پڙهڻ بغير اٿي ويا ته اهي بدبودار مردار کان اٿيا.** (شعب الايمان)

# جهنم ۾ مالدار ماڻهن ۽ عورتن جي تعداد زياده

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائي غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”مون جنّت ۾ ڏٺو ته اتي گهڻا غريب ماڻهو ڏٺا ۽ دوزخ ملاحظ ڪيو ته اتي مالدارن ۽ عورتن کي وڌيڪ ڏٺو.“

(مسند امام احمد، ج 2، ص 582، حديث 6622)

هڪ روايت ۾ آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائڻ ٿا: مون پڇيو مالدار ماڻهو ڪٿي آهن؟ ته ٻڌايو ويو: انهن کي انهن جي مال روڪي ڇڏيو آهي. (قوت القلوب، ج 1، ص 404) هڪ روايت ۾ آهي ته مون دوزخ ۾ عورتن جي ڪثرت ڏسي سبب پڇيو ته ٻڌايو ويو: انهن کي ٻن ڳاڙهين شين يعني سون ۽ زعفران (يعني انهن جي زيورن ۽ خاص قسم جي رنگين لباس) روڪي رکيو آهي. (احياءُ العلوم، ج 4، ص 577)

## عورت جي سون جي زيورن تي ٻــ
## زڪوات فرض ٿي سگهي ٿي

سون جمع ڪرڻ جي شوقين پر فرض ٿيڻ جي باوجود ان جي زڪوات نه ڏيڻ وارين اسلامي ڀينرن کي هن حديث پاڪ مان درس وٺندي ڏجڻ گهرجي. ياد رهي! زڪوات فرض ٿيڻ جي لاءِ ڪمائڻ يا ڪمائڻ جي قابل ٿيڻ شرط ناهي، پر سون چانديءَ جي زيورن تي شرط مڪمل هئڻ جي صورت ۾ زڪوات ڏيڻ ضروري آهي. حرص جي سبب سون جمع ڪرڻ وارين کي دنيا ۾ گهٽ ئي سون ڪم ايندو آهي، زڪواة نه ڏئي لالچي عورتون آخرت جي عذاب جو تمام گهڻو خطرو ڪٽي رهيون آهن! هڪ فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حصو آهي: ”جيڪو شخص سون چاندي جو مالڪ هجي ۽ ان جو حق ادا نه ڪري ته جڏهن قيامت جو ڏينهن هوندو ان جي لاءِ باهه جا پتر

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (جمع الجوامع)

ٿاهيا ويندا، انهن تي جهنّم جي باهه ڀڙڪائي ويندي ۽ انهن سان انهن جون پاسراٽيون پيشانيون ۽ پُٺيون ڏنيون وينديون، جڏهن ٿڌي ٿيڻ تي ايندا ته ٻيهر اهڙا ئي ڪيا ويندا. هي معاملو ان ڏينهن جو آهي جنهن جي مقدار پنجاهه هزار سال آهي ايستائين جو ٻانهن جي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي، هاڻي اهو پنهنجي راهه ڏسندو چاهي جنّت ڏانهن يا جهنّم جي طرف." (بهار شريعت، ج 1، ص 869 بحوالو صحيح مسلم، ص 491، حديث 987)

## گهر ۾ مُٺي جيترو اَٽو ناهي ۽ توهان...... (حڪايت)

مشهور صحابي حضرت سيّدنا اَبُو دَرداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ ڏينهن پنهنجي احباب (يعني دوستن) وٽ تشريف فرما هئا، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي زوجه محترمه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا آيون ۽ چوڻ لڳيون: "توهان هتي انهن ماڻهن وٽ تشريف فرما آهيو ۽ بخدا گهر ۾ مُٺ جيترو به اٽو ناهي". انهن جواب ڏنو: "هي چو وساريو ٿيون ته اسان جي سامهون هڪ تمام مشڪل رستو آهي، جنهن کان گهٽ سامان وارن کان سواءِ ڪير به نجات حاصل ڪري نه سگهندو" اهو ٻڌي اها خوشيءَ سان واپس هلي وئي. (روض الرياحين، ص 24) **اللّٰه رَبُّ العِزّت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الاَمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شڪايت نه ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! صحابيءِ رسول حضرت سيّدنا اَبو دَرداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪيتري قدر قناعت پسند هئا ۽ سندن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي گهر واري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا به ڪيڏي اطاعت گذار هئي جو گهر ۾ کائڻ

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)

جي لاءِ ڪجهه نه هجڻ جي با وجود مڙس سڳوري جو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ سان ڀرپور جملو ٻڌي ڪري خوشي خوشي واپس هلي وئي. اسان کي به تنگدستين ۽ گهريلو پريشانين کان گهٻرائي شڪوه ۽ شڪايت ڪرڻ نه پر هميشه الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي.

زَباں پر شکوۂ رنج واَلَم لایا نہیں کرتے نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تنگدستي جا "44" سبب

منا منا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح روزي ۾ برڪت جا سبب آهن اهڙي طرح روزي ۾ تنگي جا به ڪجهه سبب آهن، جيڪڏهن انهن سببن کان بچڻ جي ترڪيب فرمائيندا سين ته اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ روزي جي تنگي کان حفاظت ٿيندي. جيئن ته تنگدستي جا 44 سبب ملاحظ فرمايو: (1) بغير هٿ ڌوئڻ جي ماني کائڻ (2) مٿي اگهاڙي کائڻ (3) اونداهي ۾ ماني کائڻ (4) دروازي تي ويهي کائڻ (5) مڙدي جي ويجهو ويهي ڪري کائڻ (6) جنابت جي حالت ۾ (يعني احتلام وغيره کان پوءِ غسل کان پهريان) ماني کائڻ (7) کٽ تي بغير دستر خوان وڇائي کائڻ (8) دستر خوان تي نڪتل ماني کائڻ ۾ دير ڪرڻ (9) کٽ تي پاڻ سيراندي (يعني مٿي رکڻ جي جڳهه) ويهڻ ۽ ماني پيراندي (يعني جنهن طرف پير ڪيا ويندا هجن ان حصي) جي طرف رکڻ (10) ڏندن سان ماني ڪُترڻ (برگر وغيره کائڻ وارا به احتياط فرمائن ته سٺو آهي) (11) چيني يا مٽي جا ڀڳل ٿانو استعمال ۾ رکڻ چاهي ان ۾ پاڻي پيئڻ (ٿانو يا ڪوپ جي ٽٽل حصي جي طرف کان پاڻي، چانهه وغيره پيئڻ مڪروهه تنزيهي آهي، مٽي جي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (ابن عساکر)

ڏار واري يا اهڙي ٿانو جنهن جي اندروني حصي کان ٿوري به مٽي اُکڙيل هجي ان ۾ ماني کائڻ کان بچڻ مناسب آهي ڇو ته اهڙين جڳهن ۾ مٽي وغيره جمع ٿي ويندي آهي ۽ اتي جراثيم پيدا ٿي پيٽ ۾ وڃي بيمارين جو سبب بڻجندا آهن) (12) ڪاڏو ڪاڌل ٿانو صاف نه ڪرڻ. حديث پاڪ ۾ آهي: ”کائڻ کان پوءِ جيڪو شخص ٿانو چٽي ته اهو ٿانو ان جي لاءِ دعا ڪندو آهي ۽ چوندو آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تو کي جهنّم جي باهه کان آزاد ڪري جهڙي طرح تو مون کي شيطان کان آزاد ڪيو.“ (جمع الجوامع للسيوطي، ج 1، ص 347، حديث 2558) ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته ٿانو ان جي لاءِ اِسْتِغْفار (يعني مغفرت جي دعا) ڪندو آهي. (ابن ماجه، ج 4، ص 14، حديث 3271) (13) جنهن ٿانو ۾ ماني کاڌي ان ۾ ئي هٿ ڌوئڻ (14) خلال ڪرڻ وقت ڏندن مان نڪتل ذرا وغيره بيهر وات ۾ رکي ڇڏڻ (15) کائڻ پيئڻ جا ٿانو کليل رکي ڇڏڻ (16) ماني کي هيڏانهن هوڏانهن اهڙي طرح ڇڏي ڏيڻ جو بي ادبي ٿئي ۽ پيرن ۾ اچي. (ملخص از: سني بهشتي زيور، ص 600 کان 605)

حضرت سيّدنا اِمام بُرهان الدين زرنوجي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی تنگدستي جا جيڪي سبب بيان فرمايا آهن انهن مان هي به آهن: (17) گهڻو سمهڻ جي عادت (ان سان حافظو ڪمزور ٿيندو آهي ۽ جهالت وڌندي آهي) (18) اگهاڙو سمهڻ (19) بي حيائي سان پيشاب ڪرڻ (عام رستن تي بلا تڪلف پيشاب ڪرڻ وارا غور فرمائن) (20) دستر خوان تي ڪريل داڻا ۽ ماني جا ذرا وغيره کڻڻ ۾ سستي ڪرڻ (21) بصر ۽ ٿوم جا ڇلر ساڙڻ (22) گهر ۾ رومال سان بهارو ڏيڻ (23) رات جو بُهاري ڏيڻ (24) ڪچرو گهر ۾ ئي ڇڏي ڏيڻ

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو اُن ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)**

(25) بزرگن جي اڳيان هلڻ (26) والدين کي انهن جي نالن سان سڏڻ (27) هٿن کي گاري يا مٽي سان ڌوئڻ (28) دروازي جي هڪ پاسي تي ٽيڪ لڳائي ويهڻ (29) بيت الخلا (Wash Room) ۾ وضو ڪرڻ (گهرن ۾ اڄ ڪلھ اهيءَ ڳالھ هجڻ جي سبب هي عام آهي، ممڪن هجي ته گهر ۾ الڳ وضو جو انتظام ڪرڻ گهرجي) (30) بدن تي ئي ڪپڙا وغيره سبڻ (31) پاتل لباس سان چهرو خشڪ ڪرڻ (32) گهر ۾ مڪڙي (يعني ڪوريئڙي جو ڄارو) ڇڏي ڏيڻ (33) نماز ۾ سستي ڪرڻ (34) نماز فجر کان پوءِ مسجد مان جلدي نڪري وڃڻ (35) صبح سوير بازار پهچي وڃڻ (36) دير تائين بازار مان اچڻ (37) پنهنجي اولاد کي بد دعائون ڏيڻ (اڪثر عورتون ڳالھ ڳالھ تي پنهنجي ٻارن کي بد دعائون ڏينديون آهن ۽ پوءِ تنگدستي جي ڪري روئينديون آهن) (38) گناهہ ڪرڻ خصوصًا ڪوڙ ڳالهائڻ (39) ڏيئو (يا ميڻ بتي) کي ڦوڪ سان وسائڻ (40) ٽُٽل ڪنگيءَ استعمال ڪرڻ (41) ماءُ پيءُ جي لاءِ خير جي دعا نہ ڪرڻ (42) عمامو ويهي ڪري ٻڌڻ ۽ (43) پاجامو يا شلوار بيهي پائڻ (44) نيڪ عملن ۾ ٽال مٽول ڪرڻ. (تعليم المتعلم، ص 123 تا 126)

## تنگدستي کان نجات

ڪجھ عمل اهڙا بہ هوندا آهن جن تي عمل ڪرڻ سان تنگدستي ختم ٿيندي آهي، جيئن تہ حضرت سيّدنا عَبداللّٰہ اِبن عَبّاس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: کائڻ کان پهريان ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ (يعني ٻئي هٿ ڪارائن تائين ڌوئڻ) محتاجي (تنگدستي) ختم ڪندو آهي ۽

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي ڏينهن ۾ 50 ڀيرا درود پاڪ پڙهي قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحه (يعني هٿ) ملائيندس. (ابن بشڪوال)

هي مُرسَلِين (يعني رسولن) عَلَيْهِمُ السَّلَام جن جي سنّتن مان آهي.
(معجم اوسط، ج 5، ص 231 حديث 7166)

## تنگدستي جو علاج

زبردست مُحَدّث حضرت سيّدنا هدبہ بِن خَالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجد جن جي خليفہ بغداد مامون رشيد دعوت ڪئي، طَعَام (يعني کاڌي) جي آخر ۾ کاڌي جا جيڪي داڻا وغيره ڪريل هئا، محدثِ صاحب چونڊي چونڊي تناول فرمايا (يعني کائڻ لڳا). مامون رشيد حيران ٿي ڪري چيو: اي شيخ! ڇا توهان جو اڃا تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون: جو نہ! دراصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون کي حضرت سيّدنا حَمّاد بِن سَلمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن هڪ حديث بيان فرمائي آهي: ”جيڪو شخص دستر خوان جي هيٺ ڪريل ٽڪرن کي کائيندو اهو فقر (يعني تنگدستي) کان بي خوف ٿي ويندو.“ (تاريخ اصبهان للا صبهاني، ج 2، ص 333)

## روزيءَ ۾ برڪت جو بهترين نسخو

حضرت سيّدنا سَهل بِن سَعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ هڪ شخص تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي تنگدستي جي شڪايت ڪئي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن تون گهر ۾ داخل ٿيڻ لڳين تہ گهر ۾ ڪير هجي تہ سلام چئي ڪري داخل ٿيندو ڪر ۽ جيڪڏهن گهر ۾ ڪير بہ نہ هجي تہ مون تي سلام عرض ڪندو ڪر ۽ هڪ دفعو قُلْ هُوَ اللّٰه شريف پڙهہ“ ان شخص ائين ئي ڪيو پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ايترو مال ڏنو جو ان پنهنجي پاڙيسرين جي بہ خدمت ڪئي.

(تفسير قرطبي، ج 10، ص 183)

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي ويجهو اهو هوندو، جنهن دنيا ۾ مون تي زياده درود پاڪ پڙهيا هوندا.** (ترمذي)

## خالي گهر ۾ سلام پيش ڪرڻ جو طريقو

خالي گهر ۾ سلام ڪرڻ جا ٻه طريقا پيش ڪيا وڃن ٿا. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه 32 صفحات تي مشتمل رسالو ”101 مدني گل“ صفحي 24 تي آهي: جيڪڏهن اهڙي گهر (چاهي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻو هجي ۽ جنهن ۾ ڪير نه هجي ته هي چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) فرشتا ان سلام جو جواب ڏيندا. (رد المحتار، ج 9، ص 682) يا هن طرح چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) چو ته حضور اقدس صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ روح مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندي آهي. (بهار شريعت، حصه 16، ص 96 شرح الشفاء للقاوي، ج 2، ص 118)

اے مدینے کے تاجدار سلام　　میرے پیارے پہ میرے آقا پر
اے غریبوں کے غمگسار سلام　　میری جانب سے لاکھ بار سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا مالدار ٺيڻ برو آهي

هر مالدار برو ناهي هوندو ۽ هر غريب سٺو ناهي هوندو. جيڪڏهن ڪنهن مالدار جي دل مال جي محبت کان خالي هجي، ان جو مال ان کي رب ذوالجلال کان غافل نه ڪري ۽ اهو پنهنجي مال جي تمام شرعي حقوقن تي به عمل ڪندو هجي ته يقينًا اهو هڪ سٺو مسلمان آهي، پر ڪنهن دولت مند جو ائين هجڻ نهايت مشڪل آهي. دولت مندن وٽ غريبن جي مقابلي ۾ عمومًا گناهن جا سبب گهڻا

فرمانِ مُصطَفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو ۽ ان جي نامہ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو آهي.** (ترمذي)

هوندا آهن. جنهن وٽ گناهن جا سبب گهٽا هجن ان جو گناهن کان بچڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي. ۽ دنيا ۾ جنهن وٽ مال گهٽ ان تي آخرت ۾ حساب جو وبال بہ گهٽ. جڏهن تہ

## حلال مال جي ڪثرت کان ڪترائڻ (حڪايت)

حضرت سيدنا ابُو درداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان تہ هن ڳالهہ کي بہ پسند نہ ٿو ڪريان تہ مسجد جي دروازي تي ئي منهنجو دڪان هجي، تہ جيئن ڪاروبار مون کي نماز ۽ ذڪرالله کان غافل نہ ڪري پڻ ڳڏوڳڏ هي بہ پسند نہ ٿو ڪريان تہ مون کي هن دڪان مان روزانو **50** دينار (يعني **50** سون جو اشرفين) جو نفعو بہ حاصل ٿي رهيو هجي جنهن کي مان راهہ خدا ۾ صدقو ڪري ڇڏيان! عرض ڪيو ويو: توهان هن ڳالهہ (يعني هن طرح آسان، حلال ۽ نيڪين ڀري گهڻي ڪمائي) کي ڇو نا پسند فرمايو ٿا؟ فرمايو: "آخرت جي حساب ڪتاب جي سختي جي ڪري" (احياءُ العلوم، ج 4، ص 603) ڇو تہ آخرت جو حساب حلال مال تي آهي ۽ جيڪو حرام مال آهي ان تي عذاب آهي.

صَدقہ پيارے کی حيا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب  بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کيا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مالدارن جي ڪوڙ جا 16 مثال

اڄ ڪلهہ مالداري جي ڪري بي شمار گناهہ ٿي رهيا آهن، انهن گناهن ۾ هي بہ آهي جو ڪجهہ مالدار ڪيترن موقعن تي مال جي تعلق سان ڪوڙ ڳالهائيندي نظر اچي رهيا آهن: ان جا **16** مثال ملاحظہ فرمايو پر ڪنهن ڳالهہ کي گناهہ ڀريو ڪوڙ انهيءَ صورت

۾ چيو ويندو جڏهن ته اها ڳالهه سچ جي الٽ هجي ۽ جاٽي واٽي چئي وئي هجي ۽ ان ۾ شرعي اجازت ۽ رخصت جي به ڪا صورت نه هجي مثلاً (1) مون ڪي مال سان ڪا محبت ناهي (2) مان ته صرف ٻارن جي لاءِ ڪمايان ٿو (3) مان ته صرف ان جي لاءِ ڪمايان ٿو ته هر سال مديني وڃان (4) مان ته راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻ جي لاءِ ڪمايان ٿو (جڏهن ته سالانه فقط اڍائي فيصد زڪوات ڪڍڻ تي به دل نه ٿي چوي، غريبن ڪي خوب ڌڪا ڪارايا ويندا آهن) (5) چوري ٿيڻ، ڌاڙو لڳڻ، باهه لڳڻ يا ڪنهن ٻئي سبب سان مالي نقصان ٿي وڃڻ تي چوڻ: ”مون ڪي ان جو ڪو غم ناهي“ (پر ٻئي طرف دانهون ڪوڪو به جاري هونديون آهن) (6) شاندار ڪوٺيءَ (بنگلو) نهرائي يا نئين ماڊل جي بهترين ڪار حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ چوڻ: ”يار! پنهنجو ڇا آهي! هي ته بس ٻارن جو شوق پورو ڪيو آهي“ (جڏهن به پنهنجو دل خوب آسائش پسند ڪندو هجي) (7) ايترو مال ڪمائي ڇڏيو آهي جو بس هاڻي دل پرجي وئي آهي (جڏهن ته چوڻ وارو وڏي جذبي سان گڏ ڪمائڻ جو سلسلو جاري رکندو ۽ نوان نوان ڪاروبار شروع ڪندو رهندو آهي) (8) مان بلڪل فضول خرچي ناهيان ڪندو (جڏهن ته جيئڻ جو انداز ڪجهه ٻيو داستان ٻڌائي رهيو هوندو آهي) (9) الله گهٽو ڪجهه ڏنو آهي پر اسان سادگي پسند ڪندا آهيون (جڏهن ته تن تي ڪپڙا، ڪائڻ جا ٿانو وغيره به سيني جي سامهون ”سادگي“ جي بلڪل الٽ هوندا آهن) (10) مون پنهنجي ڌيءُ يا پٽ جي شادي تمام سادگي سان ڪئي آهي (جڏهن ته جيترو شاهي خرچ ان شادي ۾ ٿيو هوندو آهي ان رقم

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰے صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ قيراط احد جبل جيترو آهي.** (عبد الرزاق)

مان غريب گهراڻي جون شايد 100 شاديون ٿي وڃن) (11) ادا! سڀ ڪجهه ٻارن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، ڪاروبار سان پنهنجو ڪو ڏيڻ وٺڻ ئي ڪونهي! (هي ڳالهه چوڻ واري کي ڪير ان وقت ڏسي جڏهن هي پنهنجي اولاد کان ڪاروبار جو باقاعده حساب وٺي رهيو هجي ۽ ان جا ڪن پٽي رهيو هجي) (12) مالداري جي ڪري ڪڏهن تڪبر ناهي ڪيو (ائين چوڻ واري کي ڪير ان وقت ڏسي جڏهن هي ڪنهن غريب مائٽ کي حقارت سان ملامت ڪري رهيو هجي، ان سان هٿ ملائڻ پنهنجي شان جي گهٽتائي محسوس ڪري رهيو هجي، يا پنهنجي ملازمن تي ڪاوڙجندا هجن) (13) دل چوندي آهي ته سڀ ڪجهه ڇڏي مديني وڃي رهان (واقعي دل چوندي هجي ته مرحبا! نه ته ڪوڙ) (14) ڪڏهن ڪنهن تي پنهنجي مالداري جو رعب ناهي وڌو (ڪنهن وٽ شادي نڪاح وغيره جي تقريب ۾ مرضي مطابق آجيان نه هجڻ جي صورت ۾ ان جي پنهنجي زبان مان نڪتل الفاظن کي ئي ٻڌي يا ڪنهن جڳهه تي هي پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائيندو نظر اچي ته هي صاحب ايترين ايترين فيڪٽرين جو مالڪ آهي وغيره وغيره ته ان جملي جي حقيقت سامهون اچي ويندي) (15) هي مالداري ته بس ظاهري آهي، دل جو ته مان فقير آهيان (ان جو روحاني سي ٽي اسڪين ڪريو ته شايد حرص ۽ لالچ سرِ فهرست هوندي) (16) اسان پنهنجي ملازمن کي نوڪر نه گهر جو فرد سمجهندا آهيون (ان جي ملازمن جي دل جي حال کي ڏٺو وڃي ته حقيقت جو حال ظاهر ٿي ويندو ته انهن ويچارن سان ڪهڙي طرح ڪتن کان به بدتر سلوڪ ڪيو ويندو آهي)

فرمانِ مُصطَفےٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جڏهن توهان رسولن تي درود پڙهو ته مون تي به پڙهو، بيشڪ مان تمام جهانن جي رب جو رسول آهيان.** (جمع الجوامع)

## ”يا رب! بطفيل نبي مون تي بقدر ڪفايت روزي ڏي“ جي 32 اکرن جي نسبت سان رزق وغيره جا 32 روحاني علاج

### تنگدستي جا 11 روحاني علاج

(1) يَا مُسَبِّبَ الْاَسْبَابِ 500 ڀيرا، اول آخر 11،11 ڀيرا درود شريف، نماز عشاء کانپوءِ باوضو ڪعبي جي طرف منهن ڪري مٿو اگهاڙو ڪري اهڙي جڳهه پڙهو ته مٿي ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪا شيءِ حائل نه هجي، ايستائين جو مٿي تي ٽوپي به نه هجي. اسلامي ڀينرون اهڙي جڳهه پڙهن جتي ڪنهن اجنبي يعني غير مَحرم جي نظر نه پوي.

(2) يَا بَاسِطُ 100 ڀيرا نماز چاشت کان پوءِ پڙهي ونو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت ٿيندي.

(3) يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ 100 ڀيرا هر نماز کان پوءِ پڙهي ڪري حلال روزگار جي لاءِ دعا ڪرڻ واري کي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ رزق حلال ملندو.

(4) يَا اَللّٰهُ 786 ڀيرا نماز جمعه کان پوءِ لکي ڇڏيو. ان کي دڪان يا گهر ۾ رکڻ سان رزق وڌڻ ۽ مال ۽ دولت ۾ برڪت ٿيندي آهي.

(5) صبح صادق کان پوءِ نماز فجر کان پهريان پنهنجي گهر جي چئين ڪنڊن ۾ ويهي ڪري يَا رَزَّاقُ 10 ڀيرا پڙهو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن به ان گهر ۾ تنگدستي نه ايندي. طريقو اهو آهي ته گهر ۾ ساڄي هٿ جي ڪنڊ ۾ قبلي رخ ويهي ڪري شروع ڪريو ۽ هن ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين اهڙي طرح ٽيڙا ٿي ڪري هلو جو چهرو قبلي رخ ئي هجي ۽ هر ڪنڊ ۾ قبلي رخ ويهي ڪري پڙهو.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود پڙهي ڪري پنهنجي مجلسن کي سينگاريو ڇو تہ توهان جو درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو.(فردوس الاخبار)

(6) مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ اَحْمَدُ رَسُوْلُ اللّٰهِ جيڪو شخص نماز جمعہ کان بعد پاڪ صاف ٿي ڪري **35** ڀيرا هي لکي ڪري پاڻ وٽ رکي خدا تعالي ان کي غيب مان رزق عطا فرمائيندو ۽ اهو شيطان جي شر کان بہ محفوظ رهندو.

(7) يَا لَطِيْفُ 100 ڀيرا پڙهي ڪري هڪ ڀيرو اَللّٰهُ لَطِيْفٌ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ (پ 25 سورةُ الشّوريٰ آيت: 19) پڙهڻ سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي.

(8) يَا لَطِيْفُ 100 ڀيرا روزانو نماز فجر ۽ مغرب کان بعد پڙهي ڪري ٿي ڀيرا هي دعا پڙهڻ رزق ۾ برڪت جي لاءِ نهايت فائديمند آهي. اَللّٰهُمَّ وَسِّعْ عَلَيَّ رِزْقِيْ، اَللّٰهُمَّ عَطِّفْ عَلَيَّ خَلْقَكَ كَمَا صُنْتَ وَجْهِيْ عَنِ السُّجُوْدِ لِغَيْرِكَ، فَصُنْهُ عَنْ ذُلِّ السُّوَالِ لِغَيْرِكَ، بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ.

(9) يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ ۽ يَاوَهَّابُ روزانو هڪ هزار ڀيرا پڙهڻ رزق جي ڪشاده رزق جي لاءِ فائديمند آهي.

(10) هر نماز کان پوءِ هي آياتِ مبارڪ پڙهڻ رزق جي لاءِ تمام سنو آهي. لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿۱۲۹﴾ (پ 11 سُورة التّوبة آيت 128-129) پ 25 سُورة الشّوريٰ آيت: 19)

(11) نماز فجر کان بعد اول آخر 14 ڀيرا درود شريف ۽ پوءِ يَاوَهَّابُ 1400 ڀيرا پڙهو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن بہ رزق ۾ برڪت کان محرومي نہ ٿيندي، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان انهن جون نسلون بہ روزي جي ڪثرت جي سبب خوش رهنديون.

## (12) رزق ۾ برڪت جو بي مثال وظيفو

هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! دنيا مون کان منهن ڦيري ڇڏيو. فرمايائون ڇا اها تسبيح تون کي ياد ناهي جيڪا تسبيح آهي فرشتن ۽ مخلوق جي جنهن جي برڪت سان روزي ڏني ويندي آهي، جڏهن صبح صادق طلوع ٿئي ته هي تسبيح هڪ 100 ڀيرا پڙهندو ڪر، "سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ، اَسْتَغْفِرُاللّٰهَ" دنيا تو وٽ ذليل ٿي ڪري ايندي. اهي صحابي هليا ويا ڪجھ مدت کان پوءِ ٻيهر حاضر ٿيا، عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! دنيا مون وٽ اهڙي ڪثرت سان آئي، مان حيران آهيان، ڪٿان ڪٿان ڪٿي رکان! (الخصائص الڪبرٰي، ج 2، ص 299)

اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن تسبيح جو ورد حتي الامڪان طلوع صبح صادق سان گڏ هجي نه ته صبح کان پهريان، جماعت قائم ٿي وڃي ته ان ۾ شريڪ ٿي ڪري بعد ۾ عدد پورا ڪريو ۽ جنهن ڏينهن نماز کان اڳ به نه ٿي سگهي ته خير طلوع شمس (يعني سج نڪرڻ) کان پهريان. (ملفوظات اعلي حضرت، ص 128)

## (13) سچو سال مالدار ٿيڻ جو عمل

جيڪو شخص طلوع آفتاب (سج اوڀرڻ) جي وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 300 ڀيرا ۽ درود شريف 300 ڀيرا پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي جڳهه تان رزق عطا فرمائيندو جتي ان جو گمان به نه هوندو ۽ (روزانو

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

پڙهڻ سان) اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هڪ سال جي اندر اندر امير ۽ ڪبير ٿي ويندو. (شمس المعارف الڪبري ولطائف العوارف، ص 37)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (14) ڪاروبار چمڪائڻ جو نسخو

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ڪاغذ تي 35 ڀيرا لکي ڪري گهر ۾ لٽڪائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ شيطان جو گذر نہ ٿيندو ۽ (حلال رزق ۾) خوب برڪت ٿيندي، جيڪڏهن دڪان ۾ لٽڪائيندو ۽ جائز ڪاروبار هوندو تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ خوب چمڪندو. (ايضًا، ص 38)

## (15) مال ۽ دولت جي حفاظت جي لاءِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 97 ڀيرا پڙهي ڪري تجوڙي، اناج گودام، مال وغيره تي دم ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ آفت ۽ مصيبت کان مال ۽ دولت جي حفاظت ٿيندي.

## (16) ملازمت ملڻ جو عمل

(غير مڪروهه وقت ۾) ٻہ رڪعت نفل ادا ڪريو ۽ سلام ڦيرڻ کان پوءِ يَا لَطِيْفُ 182 ڀيرا (اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري جائز ۽ آسان ملازمت يا حلال روزگار ملڻ جي لاءِ دعا ڪريو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دعا قبول ٿيندي.

فرمانِ مُصطفےٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (ترمذي)

## (17) تبادلي (Transfer) جي لاءِ وظيفو

ظهر جي نماز کان پوءِ 11 يا 21 يا 41 ڀيرا هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سان گڏ سُوۡرَة اللَّهب پڙهو، اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ خواهش جي مطابق تبادلو ملي ويندو.

## (18) انٽرويو ۾ ڪاميابي جي لاءِ

جائز ملازمت وغيره جي خاطر انٽرويو جي لاءِ وڃڻو هجي تہ هي پڙهي ونو: اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ط كٓهٰيٰعٓصٓ ۔ حٰمٓ عٓسٓقٓ ۔ فَسَيَكۡفِيۡكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ. اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ڪاميابي حاصل ٿيندي.

## (19) چوري کان حفاظت

سورة التوبة لکي يا لکرائي پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي پنهنجي سامان ۾ رکو اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ چوري کان محفوظ رهندو.

(20) يَا جَلِيۡلُ (اي بزرگي وارا) 10 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجي مال ۽ اسباب ۽ رقم وغيره تي دم ڪري ڇڏيو، اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ چوري کان محفوظ رهندو.

(21) مال چوري يا گم ٿي وڃي تہ هي آيت مبارڪ بي شمار پڙهڻ سان ملي ويندو، اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ يٰبُنَيَّ اِنَّهَآ اِنۡ تَكُ مِثۡقَالَ حَبَّةٍ مِّنۡ خَرۡدَلٍ فَتَكُنۡ فِيۡ صَخۡرَةٍ اَوۡ فِي السَّمٰوٰتِ اَوۡ فِي الۡاَرۡضِ يَاۡتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيۡفٌ خَبِيۡرٌ ﴿۱۶﴾

(پ 21 سورة لقمٰن آيت: 16)

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

## (22) جيڪڏهن ڪاروبار ۾ دل نہ لڳندي هجي تہ......

يَا اَللّٰهُ 101 ڀيرا ڪاغذ تي لکي ڪري تعويذ ٺاهي ٻانهن تي ٻڌي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ جائز ڪم ڪار ۽ حلال نوڪري ۾ دل لڳي ويندي.

## (23) غربت کان نجات

جيڪڏهن گهر ۾ بيماري ۽ غربت ۽ ناداري رهجي وئي هجي تہ بغير ناغي ڪرڻ جي (لڳاتار) 7 ڏينهن تائين هر نماز کان پوءِ يَا رَزَّاقُ يَا رَحۡمٰنُ يَا رَحِيۡمُ يَا سَلَامُ 112 ڀيرا پڙهي ڪري دعا ڪريو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بيماري، تنگدستي ۽ ناداري کان نجات حاصل ٿيندي.

## (24) افسر جي ناراضي جا ٿي روحاني علاج

افسر (يا نگران) جنهن کان خفا هجي تہ اهو بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ڪثرت سان پڙهندو رهي يا هڪ ڀيرو لکي ڪري ٻانهن تي ٻڌي ڇڏي، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جو افسر (يا نگران) مهربان ٿي ويندو.

(25) جيڪڏهن افسر يا سيٺ ڳالهہ ڳالهہ تي ڪاوڙ ڪندو يا دڙڪا ڏيندو هجي تہ اٿندي ويهندي هر وقت يَا حَيُّ يَا قَيُّوۡمُ پڙهندا رهو ۽ تصور ۾ افسر يا سيٺ جو چهرو آڏيدا رهو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اهو توهان تي مهربان ٿي ويندو.

فرمانِ مُصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو-** (ابن سني)

(26) لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڙهي ڪري يا لکي ڪري ٻانهن وغيره تي ٻڌي ضرورتًا ڪنهن ظالم افسر جي دفتر ۾ وڃڻ سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي شر کان حفاظت ٿيندي.

## (27) سامان، گاڏي، گهر کپائڻ جي لاءِ

فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَ مِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْۤ اَبِيْۤ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ۚ وَ هُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۰﴾ (پ 13 يوسف: 80)

هي آيت مبارڪ پڙهي ڪري سامان يا گاڏي تي دم ڪري ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سامان جلد فروخت (يعني کپي) ويندو.

## (28) انسان گم ٿي وڃي تہ

ٻار يا وڏو گم ٿي وڃي تہ سڀ گهر وارا بي شمار ڀيرا يَا جَامِعُ يَامُعِيْدُ جو ورد ڪن. الله تعالي چاهيو تہ ملي ويندو.

## (29) رزق جا دروازا کولڻ

يَا وَهَّابُ 300 ڀيرا نماز فجر کان بعد پڙهو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ روزگار جي پريشاني ختم ٿيندي. (مدت: 40 ڏينهن)

فرمانِ مُصطَفي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

## (30) ديمڪ جو علاج

گهر يا دڪان وغيره ۾ لڳل اُڏوهي (سُرو) جو اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ خاتمو ٿيندو، ڪاغذ تي هي مبارڪ نالا لکي ڪري اتي لٽڪائي ڇڏيو: پهريون خليفو حضرت سيدنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٻيو خليفو حضرت سيدنا عمر فاروق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ، ٽيون خليفو حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ چوٿون خليفو حضرت سيدنا علي المرتضٰي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنجون خليفو حضرت سيدنا حسن بن علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا ڇهون خليفو حضرت امير معاويہ بن ابو سفيان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا

## (31) ديمڪ کان حفاظت

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 41 ڀيرا پڙهي ڪري ڳَڏ ڪيل شين ۽ ڪتابن وغيره تي دم ڪري ڇڏيو تہ اُڏهي (سُرو) ۽ ٻين ڪيڙن مڪوڙن کان اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ حفاظت ٿيندي.

## (32) سودو مرضي جي مطابق ٿئي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم خريداري ڪرڻ وقت پڙهندو رهڻ سان اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ شيء سَني ۽ اها بہ پنهنجي مرضي جي مطابق ملندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي- (عبدالرزاق)**

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| دُرود شريف جي فضيلت | 2 | روزي ۾ برڪت جو بهترين نسخو | 19 |
| جهرڪي ۽ انڊو نانگ | 2 | خالي گهر ۾ سلام پيش ڪرڻ جو طريقو | 20 |
| الله تعاليٰ روزي جو ذمو کنيو آهي | 4 | ڇا مالدار ٿيڻ برو آهي | 20 |
| غريبن جا مزا تي ويا (حڪايت) | 5 | حلال مال جي ڪثرت کان ڪترائڻ | 21 |
| فقر جي تعريف | 6 | مالدارن جي ڪوڙ جا 16 مثال | 21 |
| "فَقيرِ مدينہ" جي نوَن اکرن جي نسبت سان فقر جي فضيلت تي 9 فرامين مصطفٰي ﷺ | 7 | تنگدستي جا 11 روحاني علاج | 24 |
| راضي جي تعريف | 8 | (12) رزق ۾ برڪت جو بي مثال وظيفو | 26 |
| اللّٰہ رَبُ العِزت جڏهن ڪنهن سان محبت فرمائيندو آهي تہ..... | 8 | (13) سچو سال مالدار ٿيڻ جو عمل | 26 |
| ان جي مٽي جي هيٺان پٿر جو ويهاڻو هو (حڪايت) | 9 | (14) ڪاروبار چمڪائڻ جو نسخو | 27 |
| فَقر آقا جي مَحبّت جي سوغات آهي (حڪايت) | 9 | (15) مال ۽ دولت جي حفاظت جي لاءِ | 27 |
| هزار سال جي عبادت کان افضل عمل | 10 | (16) ملازمت ملڻ جو عمل | 27 |
| هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ کان افضل عمل | 10 | (17) تبادلي (Transfer) جي لاءِ وظيفو | 28 |
| تنهنجي دعا منهنجي دعا کان افضل آهي (حڪايت) | 11 | (18) انٽرويو ۾ ڪاميابي جي لاءِ | 28 |
| ذاڪرين جي دعا قبول ٿيندي آهي | 11 | (19) چوري کان حفاظت | 28 |
| غريب شهزادي تي اعليٰ حضرت جي انفرادي ڪوشش | 11 | (22) جيڪڏهن ڪاروبار ۾ دل نہ لڳندي هجي تہ....... | 29 |
| حاجت لڪائڻ جي فضيلت | 12 | (23) غربت کان نجات | 29 |
| ٻہ مڇي جا شڪاري (حڪايت) | 13 | (24) افسر جي ناراضي جا ٽي روحاني علاج | 29 |
| جهنّم ۾ مالدار ماڻهن ۽ عورتن جي تعداد زياده | 14 | (27) سامان، گاڏي، گهر ڪپائڻ جي لاءِ | 30 |
| عورت جي سون جي زيورن تي بہ زڪوات فرض ٿي سگهي ٿي | 14 | (28) انسان گم ٿي وڃي تہ | 30 |
| گهر ۾ مُٺي جيترو اٽو ناهي ۽ توهان...... | 15 | (29) رزق جا دروازا کولڻ | 30 |
| شڪايت نہ ڪرڻ گهرجي | 15 | (30) ديمڪ جو علاج | 31 |
| تنگدستي جا "44" سبب | 16 | (31) ديمڪ کان حفاظت | 31 |
| تنگدستي کان نَجات | 18 | (32) سودو مرضي جي مطابق ٿئي | 31 |
| تنگدستي جو علاج | 19 | | |


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان وٽ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات گذاريو. * سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذمدارکي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ **"مدني انعامات"** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **"مدني قافلن"** ۾ سفر ڪرڻ آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net